ماهوار

# سائنس

اپريل ١٩٧٢ع



ٽيليگراف

مواصلات جو اهم ذريعو

# ماهوار سائنس

ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن طرفان تعليمي ادارن لاءِ منظور ڪيل


مئنيجنگ ايڊيٽر

ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي

اسسٽنٽ ايڊيٽر

مرتضيٰ پيٽي - ظفر حسن

آفيس

" انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري "

يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو

فون : 5981/9

سال ...... [٢]

پرچو ...... [٤]

اپريل ١٩٧٢ع

قيمت

في ڪاپي ---- ٧٥ پئسا

ساليانو ---- ٩ رپيا

خط و ڪتابت جي ائڊريس

مضمونن لاءِ:- " ايڊيٽر " ماهنامه سائنس

ساليانه خريداري لاءِ:- "مئنيجر" ماهنامه سائنس

آرٽسٽ :- محمد يوسف پناڻ



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamsho.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

محمد قاسم رند

# رنگن جي اهميت

انسان جڏهن دنيا ۾ اچي ٿو ته هو پنهن جي چوڌاري ڪائنات جون مختلف شيون ڏسي ٿو. جهڙوڪ جانور، پکي، وڻ ٽڻ، گل ڦل، پاڇيون ۽ ڪپڙا وغيره. هن انهن کي سڃاڻڻ لاءِ پنهنجا نالا ڏنا جيڪي رنگن تي ٻڌل هئا. اهڙي طرح آهستي آهستي رنگن جي اهميت وڌڻ لڳي. اڄڪلهه رنگن جي اهميت وڌي ويئي آهي. رنگ اسان کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڪم اچن ٿا، مثلاً زراعت، صنعت ۽ طب وغيره زراعت ۾ ٻوٽن جي پنن، ٽڙ، گل، ميوي ۽ اناج کي رنگ مطابق سڃاڻي سگهجي ٿو. ٻوٽي جي نشوونما معلوم ڪرڻ لاءِ اسان کي رنگن مان خبر پوي ٿي مثلاً:- ٻوٽي جا پن جيڪڏهن هلڪا پيلا ڏسڻ ۾ اچن ته چونداسين ته هن ۾ نائٽروجن جي کوٽ آهي پر جيڪڏهن پنن جو رنگ هلڪو گلابي ٿي وڃي ته چئبو ته ٻوٽي ۾ فاسفورس جي جزي جي کوٽ آهي. گلن جي رنگن هجڻ ڪري انهن ۾ مختلف قسمن جا جيت اچي گڏ ٿيندا آهن، جيڪي پوءِ ٻوٽي کي ڦرجڻ ۾ مدد ڪندا آهن.

صنعتڪار ۽ ڪارخانيدار به ماحول ۽ وقت جي نزاڪت مطابق جدا جدا رنگن جون شيون ٺاهيندا آهن، ڇاڪاڻ ته بازار ۾ شين جي ڏي وٺ ۾ رنگن جو وڏو اثر هوندو آهي ۽ هر هڪ ماڻهو پنهنجي پسند جو رنگ چاهيندو آهي. نفسياتي طرح به انسانن تي رنگ جو اثر گهڻو آهي. جئين ته شاديءَ جي موقعي تي گهاٽي ڳاڙهي رنگ جا ڪپڙا استعمال ڪيا آهن ۽ غمي جي موقعي تي ڪاري رنگ جا ڪپڙا ڪم ايندا آهن.

ٻار ڳاڙهي رنگ کي نيري رنگ کان وڌيڪ پسند ڪندا آهن. مرد نيري رنگ کي ته عورتون ڳاڙهي ۽ گلابي رنگ کي وڌيڪ پسند ڪنديون آهن پر پوڙها ۽ بزرگ ماڻهو گهڻو ڪري اڇي رنگ کي وڌيڪ پسند ڪندا آهن.

ڪاري ۽ گهاٽي رنگ جا ڪپڙا ٻين رنگن کان وڌيڪ روشني جذب ڪن ٿا، جنهن ڪري اهي جلدي گرم ٿي ويندا آهن. ان جي برعڪس اڇي ۽ هلڪي رنگ جا ڪپڙا روشني جي ڪرڻن کي موٽائين ٿا جنهن ڪري اهي جلدي گرم نٿا ٿين. دنيا ۾ ڳاڙهو رنگ خطري جي نشاني ۽ سائو رنگ امن ۽ سلامتي جي نشاني آهي. ڳاڙهو، پيلو ۽ نارنگي رنگ گهاٽا آهن جيڪي اسان ۾ چستي ۽ جوش پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪندا آهن، ان جي ابتڙ نيرو ۽ سائو رنگ ٿڌا آهن، جيڪي اسان جي اکين کي ٿڌ ۽ سڪون پهچائين ٿا. انهيءَ ڪري قدرت اسان کي آسمان نيرو ۽ زمين سائي ڪري ڏني آهي.

سائنسدانن جو چوڻ آهي ته انسان جي اک کي سڀني کان وڌيڪ ظاهر پيلو رنگ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ڇاڪاڻ ته ان ۾ صاف ڏسڻ جي خوبي ٻين سڀني رنگن کان گهڻي آهي. تنهنڪري اسڪول جي بسن، ٽيڪسين ۽ ٽريفڪ جي نشانن لاءِ پيلو رنگ استعمال ٿيندو آهي. وڏن شهرن ۾ وڏن رستن تي جتي سواري گهڻي هوندي آهي ته اتي خودڪار سگنل لڳل هوندا آهن جن ۾ ڳاڙهي، سائي ۽ پيلي رنگ جي بتي لڳل هوندي آهي. ڳاڙهي بتي سواريءَ کي بيهڻ لاءِ اشارو ڪندي آهي، سائي بتي هلڻ لاءِ اشارو ڪندي آهي، پر پيلي بتي سواريءَ کي بيهارڻ ۽ بيهڻ کانپوءِ وري تيار رهڻ لاءِ اشارو ڪندي آهي.

ماهرن جو چوڻ آهي ته رهائشي ڪمري جو رنگ سائو هئڻ گهرجي. جڏهن اسان گهڻي دير تائين ڳاڙهي رنگ جي شيشن تي نظر وجهڻ کانپوءِ جيڪڏهن سفيد ڀت ڏانهن ڏسنداسين ته اسان کي ڳاڙهي رنگ جو ترڪيبي رنگ يعني سائو رنگ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. تنهنڪري اسپتالن ۾ آپريشن ڪندڙ سرجن رت جو ڳاڙهو رنگ ڏسي، جڏهن اڇي ڀت ڏسندو ته ان کي سائي رنگ جو عڪس ڏسڻ ۾ ايندو آهي پر جيڪڏهن ڪمري جو رنگ اڳيئي سائو هوندو ته پوءِ ڪيس نظر جو دوکو گهٽ ٿيندو ۽ وري جڏهن ڳاڙهي رنگ جي رت کي ڏسندو ته ان جي ڏسڻ جي قوت بلڪل صحيح ڪم ڪندي. هاءِ بلڊ پريشر جي مريضن لاءِ ڀتين کي نيرو رنگ ڏنو ويندو آهي جيڪو مريضن کي سڪون پهچائي ٿو. يورپ جي اسپتالن ۾ گهڻو ڪري اهڙن مريضن کي نيري رنگ وارين ڀتين جي ڪمري ۾ ۽ خون جي

(باقي ڏسو صفحو ٢٧)

صدرالدين شيخ

# حنين بن اسحاق (٨٠٠-٨٧٧ع)

## [عظيم طبيب، عالم، مترجم ۽ محقق سائنسدان]

- جنهن جي علمي لياقت ۽ لساني مهارت سندس استاد "يوحنا بن ماسويه" کي معتقد بنائي ڇڏيو. ترجمي جي فن جو اعتراف ڪندي يوحنا بن مايوسه سندس شاگرد بڻيو ۽ اهڙيءَ طرح طب جو استاد پنهنجي شاگرد جو بہ شاگرد ٿي ويو.
- جنهن جي ترجمو ٿيل هر ڪا ڳالهہ مستند ۽ قابلِ اعتماد هوندي هئي. سندس هر ڪتاب جي بدلي خليفو مامون رشيد کيس ڪتاب جي وزن برابر سون توري ڏيندو هو.
- جنهن خليفي متوڪل جي حڪم جي واضح نفي ڪري جرئتمندي ۽ اعليٰ اخلاق پيش ڪيو ۽ آخر خليفي متوڪل کي بہ پنهنجو گرويده ۽ معتقد بڻايو.

عظيم مسلمان سائنسدان ۽ طبيب "حنين بن اسحاق" عراق جي هڪ ننڍڙي شهر "حيره" ۾ سنہ ٨٠٠ع ۾ ڄائو، جتي سندس خاندان "بنو عباد" آباد هو. ان ڪري پاڻ "حنين بن اسحاق حراني العبادي" سڏائيندو هو. مغربي ملڪن ۾ هو "جوني ٽيئس" (Joannitius) جي نالي سان مشهور آهي. والدين جي غريب هجڻ سبب کيس ابتدائي تعليم ڪانپوءِ جلدئي ڪنهن نوڪريءَ جي تلاش ڪرڻي پيئي، جنهن ڪري هو پنهنجي ڳوٺ کان ٿورو پرڀرو هڪ شهر "شاه پور" ۾ آيو ۽ اتي جي هڪ مشهور طبيب ۽ عالم "يوحنا بن ماسويه" جي شفاخاني ۾ ملازمت حاصل ڪيائين. "يوحنا" مريضن جو علاج ڪرڻ ڪانپوءِ واندڪائيءَ جي وقت ۾ پنهنجن ملازمن ۽ شاگردن کي علم طب پڻ پڙهائيندو هو. حنين بن اسحاق کي علم جي حصول جو بيحد شوق هو ان ڪري هو پوري ڌيان سان استاد يوحنا جو سبق ۽ تقرير ٻڌندو هو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ کيس طب جو ڪافي علم حاصل ٿي ويو ۽ هو هاڻي پنهنجي استاد سان ڪلهو هڻڻ لڳو، پر استاد جي حسد سبب ته متان هي ڇوڪر سندس ناموس کي ڌڪ رسائي انڪري کيس



پنهنجي شفاخاني مان ٿي ڪڍي ڇڏيائين. علم طب جي اڌوري تعليم ڪانپوءِ هن پنهنجي سر طب جي ڪيترن ئي ڪتابن جو مطالعو ڪيو ۽ تحقيق ڪئي. عربي ۽ فارسي سندس مادري ٻوليون هيون ليڪن هن يونان ۽ مصر جي سفر دوران يوناني ۽ سرياني ٻوليون بہ سکيون ۽ انهن ٻولين ۾ بہ ڪيترائي ڪتاب پڙهيائين. هن سائنس جي مختلف پهلوئن تي تحقيق ڪئي ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن مان "شهاب ثاقب"، "قوس و قزح"، "مدو جزر" ۽ "اکين جي طب" جڳ مشهور آهن ۽ دنيا جي ڪيترين ئي زبانن ۾ ترجمو ڪيا ويا آهن.

علم جي تحصيل ڪانپوءِ هو پنهنجي ملڪ عراق واپس آيو، جتي هارون رشيد جو پٽ خليفو مامون رشيد حڪمران هو. هن خليفي ڪيترائي يوناني ڪتاب شهنشاه روم کان وٺي پنهنجي شاهي ڪتب خاني "بيت الحڪمت" ۾ رکايا ۽ انهن جو ترجمو عربي ٻوليءَ ۾ ڪرائڻ لاءِ ڪيترن ئي

سائنس

محبوب علي جوکيو

# ميون جي حفاظت



”ميوو“ قدرت جي هڪ عظيم نعمت آهي. ميوو نہ صرف کائڻ ۾ لذت ۽ مزو ڏئي ٿو، پر طبي لحاظ کان بہ هرهڪ ميوو ڪيترن ئي فائدن سان پرپور آهي. ڪي ميوا انسان جي صحت برقرار رکڻ ۾ واهر ڪن ٿا، تہ ڪي وري انسان جي موذي مرضن جو مڪمل علاج آهن. ميون جي رسن ۾ طاقت ڏيندڙ حياتين هڪ طرف آهن، تہ لذت ڏيندڙ ذائقا ٻئي طرف.

انهن فائدن سبب، اهو ضروري سمجهيو ويو آهي تہ ڪن خاص ميون کي اهڙيءَ طرح حفاظت سان رکجي، جو اهي ڪنهن ڏکيءَ ويل ڪم آڻي سگهجن ۽ انهن جي فائدن کان محروم رهجي نہ وڃجي. ميون کي ڪن تدبيرن ۽ طريقن سان محفوظ رکڻ، پوءِ چاهي اهي پنهنجي اصلوڪي حالت ۾ رکجن يا ڪنهن بدلايل صورت ۾، ان کي چئبو آهي ”ميون جي حفاظت“ يا ”فروٽ پرزرويشن“(Fruit Preservation).

پراڻي زماني ۾ ميون، ڀاڄين يا مڇي ڀلي کي سڪائي، يا تيلن وغيره ۾ وجهي، ٻيءَ موسم لاءِ رکيو ويندو هو ۽ ضرورت پوڻ تي استعمال ڪيا ويندا هئا. ميون کي لوڻ ڏيئي رکڻ يا سڪائي رکڻ يا انهن سان آچار يا مربي جهڙيون شيون ٺاهي رکڻ جو عام رواج هو ۽ هن وقت پڻ آهي.

”ڪئٽو“ نالي هڪ رومي مصنف عيسوي سن کان اٽڪل هڪ سؤ سال اڳ هڪ ضخيم ڪتاب لکيو هو، جنهن ۾ ميون کي محفوظ رکڻ جا طريقا ٻڌايل هئا. روم ۾ پڻ ميون کي سڪائي يا انهن ۾ لوڻ وجهي رکڻ جا طريقا عام مروج هئا. تنهن کانسواءِ، مربا چٽڻيون ڪٽائيون وغيره ٺاهڻ پڻ هن ملڪ جو پراڻو هنر هو.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ فرانس جي مشهور بادشاهہ ”نيپولين بونا پارٽ“ ١٧٩٥ع ۾ ١٢٠٠٠ فرانڪن جو هڪ وڏو انعام اهڙي شخص کي ڏيڻو ڪيو، جيڪو کائڻ جي شين، خاص ڪري ميون کي محفوظ رکڻ جا ذريعا ايجاد ڪري. آخر ١٨٠٩ع ۾ ”نڪولس اپرٽ“ نالي هڪ شخص اهو انعام کٽيو، جنهن گرميءَ جي وسيلي، هڪ بند ٿيل دٻي ۾ کاڌي کي محفوظ رکڻ جو طريقو ايجاد ڪيو هو.

ساڳئي شخص، ١٨١٥ع ۾ هڪ ڪتاب لکيو، جنهنجو نالو رکيائين ”جاندار ۽ سبز شين کي محفوظ رکڻ جو هنر“. ان سائنس کانپوءِ، هن هڪ خاص قسم جو دڪان کوليو، جنهنجو نالو رکيائين ”هائوس آف اپرٽ“. ان دڪان تي، ميوا ۽ ڀاڄيون، بند ٿيل دٻن جي صورت ۾، اڻ سنداُٺا بہ ملي سگهندا هئا.

**ميون کي محفوظ رکڻ جي ضرورت:-** ميون کي محفوظ رکڻ جي ضرورت هيٺين سببن ڪري محسوس ڪئي وڃي ٿي.

١- حقيقت اها آهي تہ ميوا ۽ ڀاڄيون گهڻو وقت پنهنجي اصلي حالت ۾ قائم رکي نٿيون سگهن ڇو تہ پنهنجي ٻوٽي، وڻ يا ٽاريءَ کان جدا ٿيڻ کانپوءِ، ٿوري ئي وقت ۾ اهي خراب ٿيو وڃن. گهڻي وقت گذرڻ سان تہ اهي بلڪل بيڪار، بلڪ نقصانڪار ٿيو وڃن. اها ڳالهہ لازمي آهي تہ جيڪي بہ ڀاڄيون يا ميوا پيدا ٿين ٿا، سي بروقت استعمال ۾ ڪونہ ٿا سگهن. ان لاءِ ضروري آهي تہ ضرورتن کان وڌيڪ پيدا ٿيندڙ ميوا محفوظ رکيا وڃن، جيئن اڳتي هلي اهي آئيءَ ويل ڪم اچي سگهن.

٢- جيڪڏهين اهي ميوا محفوظ رکي سگهبا تہ پوءِ انهن کي ٻيءَ سند ۾ بہ استعمال ڪري سگهبو ۽ انهن مان لطف اندوز ٿي سگهبو يا فائدا حاصل ڪري سگهبا.

٣- حفاظتي تدبيرن وسيلي ئي اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ اهي ميوا جنگ جي وقت يا بحري سفر جي حالت ۾ يا بيمارين کان بچڻ لاءِ ڪتب آڻي سگهجن.

٤- ڪڏهين تہ قدرت حد کان وڌيڪ مهربان ٿيندي آهي ۽ ميون جو فصل اميدن کان وڌيڪ سٺو لهندو آهي. ان سبب ڪري، بازار ۾ ميون جا اگهہ ڪري پوندا آهن ۽ باغن جي مالڪن کي ڪافي نقصان رسڻ جو انديشو پيدا ٿي




گذريل پرچي ۾ سائنس ڪانفرنس جي جن تاريخن جو اعلان ڪيو ويو هو، اهي بدلايون ويون آهن ۽ هاڻي مذڪور ڪانفرنس ٢٢- اپريل کان شروع ٿي رهي آهي جنهن جو تفصيلي پروگرام هن پرچي ۾ شايع ٿيل آهي.

ٻارن جي دلچسپي واري پروگرام يعني "ٻارن جي سائنسي ميلي" جو افتتاح ٢٢- اپريل تي صبح جو ٨ بجي ٿيندو. شهر مان ۽ ٻاهران ايندڙ ٻارن جي سهوليت لاءِ اهو ميلو اولڊ ڪيمپس ۾ منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ هن رسالي ۽ اخبارن ذريعي ٻارن کي شرڪت جي عام دعوت ڏني پئي وڃي پر سائنس ڪلب جي ميمبرن لاءِ اداره طرفان ٽپال رستي دعوتناما موڪلڻ جو انتظام ڪيو ويو آهي جيڪي اميد ته هن مهيني جي ١٥- تاريخ تائين سڀني ميمبرن کي پهچي ويندا. جن ميمبرن جا نالا رسالي ۾ شايع نه ٿيا آهن پر سندن ڪوپن پهچي چڪا آهن، انهن ڏي به اهڙو دعوتنامو روانو ڪيو ويندو. جيئن هن کان اڳ ڄاڻايو ويو هو، هن ميلي ۾ شرڪت لاءِ حيدرآباد کان ٻاهر رهندڙ فقط اهيئي ٻار اچڻ جي ڪوشش ڪن جيڪي حيدرآباد ۾ رهائش ۽ کاڌي پيتي جو انتظام پاڻ ڪري سگهن. البت ميلي جي موقعي تي ماهنامه سائنس ۽ سائنس ڪانفرنس جي منتظمين طرفان سندن رهنمائيءَ جو خاص خيال رکيو ويندو.

ٻارن جي پروگرام ۾ سائنسي اوزارن وغيره جي نمائش کانسواءِ بحث مباحثه ڪرڻ، چٽاڀيٽي مضمون پڙهڻ، پروليون سلڻ ۽ راند روند وغيره جهڙيون دلچسپ ڳالهيون رکيون ويون آهن جن مان ٻارن کي وندر سان گڏوگڏ سائنسي معلومات پڻ حاصل ٿي سگهندي. آئنده لاءِ به سائنس ڪلب جي مختلف شاخن ۾ وقت بوقت اهڙن ميلن ۽ سرگرمين جو اهتمام ڪرڻ جو ارادو آهي. اميد ته دلچسپي رکندڙ ٻارن جي گڏيل ڪوششن سان انهيءَ ارادي کي عملي جامو پهرائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿيندي.

سائنس ڪلب جي ميمبرن جو تعداد وڌي وڃڻ سبب هن پرچي ۾ انهن لاءِ چار صفحا رکيا ويا تنهن هوندي به اڃا ڪافي نالا رهجي ويا آهن، جيڪي ايندڙ پرچي ۾ شايع ڪيا ويندا.

# هائيڊرو ميٽر (Hydrometer)



"هائيڊرو ميٽر" سائنس جي عجيب ايجادن مان هڪ آهي جهڙيءَ طرح گرميءَ جو درجو ماپڻ لاءِ ٿرماميٽر، ڪپڙي ماپڻ لاءِ وال ۽ مفاصلو ماپڻ لاءِ فوٽ استعمال ٿيندو آهي، اهڙيءَ طرح پاڻيءَ جي نسبتي ڳھاڻائي معلوم ڪرڻ لاءِ "هائيڊروميٽر" استعمال ٿيندو آهي. هونئن ته پاڻيءَ جي نسبتي ڳھاڻائي معلوم ڪرڻ جا ڪيئي طريقا آهن پر انهن جي وسيلي آها دير سان معلوم ڪري سگھجي ٿي. هي اوزار ترڻ وارن جسمن جي متي تي بنايو ويو آهي.

**بناوت:-** هي شيشي جو ٺهيل هوندو آهي. ان جو مٿيون حصو هڪ سوڙهي نلي وانگر هوندو آهي جيڪو مٿي کان بند هوندو آهي ۽ ان جي هيٺين حصي ۾ بلب وانگر قوڪيل ڍيري هوندي آهي جيڪا شيهي جي چرن يا پاري سان ڀريل هوندي آهي ۽ مناسب وزن ڏيڻ لاءِ ڪم ايندي آهي. ان مان هي فائدو آهي ته هائيڊروميٽر پاڻيات ۾ عمود ۾ تري سگھندو آهي. سوڙهي نليءَ تي درجا نشان ٿيل هوندا آهن، جيڪي سڌي طرح نسبتي ڳھاڻائي ظاهر ڪندا آهن.

**نسبتي ڳھاڻائي معلوم ڪرڻ جو طريقو:-** جنهن پاڻيات جي نسبتي ڳھاڻائي معلوم ڪرڻي هوندي آهي اُن کي پاڻيءَ سان ڀريل هڪ ڊگھي سلينڊر ۾ وڌو ويندو آهي ۽ پوءِ ان ۾ هائيڊروميٽر کي تاريو ويندو آهي. جنهن درجي تائين هو ٻڏندو آن کي پاڻيءَ جي نسبتي ڳھاڻائي چيو ويندو آهي. پاڻي کانسواءِ هلڪين پاڻيائن لاءِ ۽ ڳرين پاڻيائن لاءِ جدا هائيڊرو ميٽر بنايا ويا آهن.

جيڪڏهن سڀني قسمن لاءِ هڪ ئي ميٽر بنايو وڃي ته ان جي ڊيگھه جي حد زياده ٿي ويندي آهي ۽ ان کي استعمال ڪرڻ لاءِ ڊگھي سلينڊر ۽ پاڻيات جي زياده مقدار جي ضرورت پوندي آهي. هلڪي پاڻيات جي استعمال ٿيڻ واري هائيڊرو ميٽر ۾ سڀ کان هيٺيون درجو 1.00 هوندو آهي، جو پاڻيات جي نسبتي ڳھاڻائي ظاهر ڪندو آهي. ان جا درجا 7. کان شروع ٿي هيٺين طرف وڌندا ويندا آهن. ڳري پاڻيات لاءِ استعمال ٿيڻ واري هائيڊرو ميٽر ۾ سڀ کان مٿيون درجو 1.00 آهي ۽ مٿين طرف درجا وڌندا ويندا آهن. عام طور تي آخري درجو 2.00 آهي.

هائيڊروميٽر کي استعمال ڪرڻ کان اڳ هي ڏسڻ گھرجي ته ان جو هڪ نشان ڪيترن درجن کي ظاهر ڪري ٿو.


## چونڊ ڪھاڻيون

ٻارن لاءِ دلچسپ ۽ نصيحت آميز آکاڻين

جو باتصوير فيچر

الف ليلى جي مشهور آکاڻي علاؤالدين ۽ جادوءَ جو ڏيئو" با تصوير (قسط وار) ۽ ان سان گڏ ٻين بهترين آکاڻين جو مجموعو هر مهني شايع ٿي رهيو آهي.

**"سنڌي ڪتاب مرڪز - حيدرآباد سنڌ"**

فضل الرحمان "فيض" ڏيپلائي

# "سهو"

**سهو** کير پياريندڙ جانورن مان آهي تنهنڪري هن جي بناوت منجهيل ٿيندي آهي. سهي جي بدن تي وار هوندا آهن جيڪي ٻاهرين کل تي وڌندا رهندا آهن. سهي جو ٻچو، سندس ماءُ جي پيٽ ۾ وڌندو آهي ۽ پيدا ٿيڻ بعد ماءُ جي کير تي پلبو آهي.

کير پياريندڙ سيني جانورن ۾ نسبتي عضوا جهڙوڪ دل، ڦڦڙن ۽ ٻانهون، دماغ ۽ انهن جو نسون، رڳون، ڦڦڙ ۽ هاضمي جا عضوا سيئي ڏيڊر، ڪرڙي ۽ ڪبوتر جي عضون جهڙا هوندا آهن، پر ڪن جانورن جا ڪي حصا ماحول جي لحاظ کان تبديل ٿي ويا آهن. کير پيارينڊڙ جانورن جو دماغ تمام سٺو ٿيندو آهي ۽ ٻين جانورن جي ڀيٽ ۾ زياده سمجهدار هوندا آهن. کير پيارينڊڙ جانورن کي گهڻو ڪري چار پير ٿيندا آهن پر ڪي ڪي جانور ٻن پيرن سان هلندڙ آهن ۽ ٻن اڳين پيرن سان ڪائيندا آهن.

سهي کي ماڻهو جهنگلن مان جهلي گهرن ۾ پاليندا آهن. سهو گهڻو ڪري پوري، اڇي يا ڪاري رنگ جو ٿيندو آهي. هي تمام سهڻو ۽ خوبصورت جانور آهي. تنهنڪري ماڻهو هن کي چاهيندا آهن. هن جو واپار ڪيو ويندو آهي. سهي جو گوشت تمام لذيذ ٿئي ٿو. سهو سبزي خور (هربيوورس - Herbivorous) جانور آهي. هن جا ڏند تيز ڪونه هوندا آهن. هن جو بدن ڇئن حصن ۾ ورهايل آهي: ١- مٿو ٢- ڳچي ٣- ڌڙ ٤- پڇ.

**مٿو**:- اهو وڏو هوندو آهي. مٿي تي ٻه سهڻيون ۽ خوبصورت اکيون هونديون آهن جن جي پنيان ٻه ڊگها ڪن هوندا آهن مٿي جي اڳئين حصي تي منهن هوندو آهي. منهن هيٺئين ۽ مٿئين چپ جي وچ ۾ هوندو آهي. مٿئين چپ جي مٿان وڏيون مڇون هونديون اٿس. انهن کان ٿورو مٿي ناسون هونديون اٿس، جيڪي نڪ جا ٻاهريان سوراخ آهن.



**ڳچي**:- سهي جي ڳچي ننڍي هوندي آهي. اها مٿي کي ڌڙ سان ڳنڍيندي آهي. سهي جو سڄو بدن وارن سان ڍڪيل هوندو آهي جيڪي بدن کي گرم رکندا آهن ۽ ان کي خوبصورت بنائيندا آهن.

**ڌڙ**:- سهي جو ڌڙ ڊگهو هوندو آهي ۽ ان جي اڳئين پاسي هڪ جوڙو اڳين ڄنگهن جو هوندو آهي ۽ هڪ جوڙو پوين جو هوندو آهي. پويون ڄنگهون اڳين ڄنگهن جي ڀيٽ ۾ وڏيون هونديون آهن. هرهڪ ڄنگهه جي هيٺان پنجو هوندو آهي جنهن ۾ پنج آڱريون ٿينديون آهن جن جي پڇاڙي ۾ ننهن ٿيندا اٿس. آڱرين جي هيٺيان نرم گاديون ٿينديون آهن. سهو زمين ۾ کڏون کوٽي رهندو آهي. پوين ڄنگهن جي ڊگهي هئڻ سبب هو تمام تيز ڀڄندو آهي.

**پڇ**:- سهي جو پڇ ننڍو هوندو آهي. ان جي هيٺان نيڪال جو سوراخ ۽ پيشاب جي نلي ٿيندي اٿس.

# ساهوارن جو قدرتي بچاءُ

هيءَ دنيا عجيب اسرارن ۽ رازن سان ڀريل آهي، جن مان "ساهوارن جو قدرتي بچاءُ" به قدرت جو هڪ راز آهي. چاهي ڪي ڏسو ته نجا ڪندا ڪندا آهي. چاهو خطري وقت سنهن اندر ڪري ويڙهجي ڪينهونءَ وانگر ٻيو هوندو آهي. پوءِ ته هن ڪي ٻلي يا ڪتو چڪ هڻي ڏيکاري! وات ئي چلجي پوندس. پڪين جي ته توهان ڪي هوئڻ ئي خبر آهي. سرڻ ڪي ڏسو، ڪو وڙهيس ته ٿونگا هڻي اڏ مئو ڪري ڇڏيس. مڇين ۾ وري ڪي مڇيون اهڙيون ٿينديون آهن جي بجلي به پيدا ڪري سگهنديون آهن. اهڙيون مڇيون آفريقا ۽ اتر آمريڪا ۾ لڌيون ويون آهن. انهن مڇين ۾ "ايل" نالي هڪ نانگ جهڙي مڇي ٿيندي آهي جنهن جا به غدود ايتري ته بجلي پيدا ڪندا آهن جو هڪ ماڻهوءَ کي مارڻ لاءِ ڪافي ٿيندي آهي. نانگن جي وري ڪهڙي ڳالهه ڪجي، رڳو چڪ پائڻ جي دير آهي، هوڏانهن چڪ پاتائين ۽ هوڏانهن مڙس جو ساهه نڪري ويو.

ساهوارن جي قدرتي بچائڻ مان هڪ مکيه بچاءُ سندن رنگ ٿئي ٿو. اتر وڏي سمنڊ جي ڀرسان وارا ملڪ برف سان ڇانيا پيا هوندا آهن، اتي جي رڇن جو رنگ به اڇو برف جهڙو ٿئي ٿو. انڪري اهو معلوم ڪرڻ مشڪل ٿيندو آهي ته هيءَ برف آهي يا ڪو رڇ ۽ اتان جي سهڻ (سيهڙن) جو به اهوئي رنگ آهي.

"سلوٿ" (Sloth) نالي هڪ ڪير پياڪ جانور آهي، جنهن جا پير چنبن وانگر هوندا آهن. ان جي ڇپ تي هڪ قسم جي ساوڪ اڀري ايندي آهي، انڪري اهو جنهن وقت وڻن ۾ لڪندو آهي ته وڻن ۽ پنن جو هڪ حصو پيو معلوم ٿيندو آهي. "زراف" نالي جانور جي جسم تي اهڙا نشان هوندا آهن جو اهو به آسانيءَ سان سڃاتو نه ويندو آهي.

اٺن جو رنگ بيابانن جي واريءَ سان گهڻي مشابهت رکي ٿو. ٽڙ جي پٽن ۾ ٻلائن جو رنگ اهڙوئي ٿو جهڙو واريءَ جو. چتائي ڏسڻ ڪانسواءِ سندن پتو ئي ڪين پوندو آهي. نور جو رنگ پورو مٽيءَ جهڙو ٿيندو آهي، ان ڪي ڳولڻ لاءِ مشڪل درپيش ايندي آهي. رات جو نڪرندڙ ساهوارن ڏي اک ڦيرائي ڏسو ته چمڙي ۽ ڇپري جو رنگ به اونده وانگر دونهاتيل ۽ جهڪو ڏسڻ ۾ ايندو.

"پلائس" (Plaice) مڇيءَ جو ساڄو پاسو اڇو ۽ کابو پاسو ڪارو هوندو آهي. اها سمنڊ جي تري ۾ هر وقت ساڄي پاسي پئي هوندي آهي، ان ڪري ڏسڻ ۾ نه ايندي آهي.

رنگن جي هڪجهڙائيءَ ۾ ٻتو مطلب رکيل آهي.

(١) ساهوارا پنهنجن دشمنن کان لڪل رهن.

(٢) جن ساهوارن تي هو ٻاڻ گذران ڪن ٿا، اهي ڪين ڏسي نه سگهن.

"گرگٽ" نالي جيت جيڪو ڪرڙيءَ جي خاندان

